Registered No. S. 109

رجسٽر نمبر ايس. ١٠٩

توحيد کي امانت سينون مين هي هماري
ممکن نهين مٽانا نام و نشان همارا

جلد [٢]

[عدد ٩ ۽ ١٠]

# توحيد



**TOHEED**

Literary, Religious, Historical
Monthly Magazine

**June & July 1925.**

Editor: Moulvi Dinmohamed Wafaie

علمي - مذهبي - تاريخي تبليغي ۽ اصلاحي

**ماهوار رسالہ**

ذوالقعد و ذوالحج ١٣٤٣ھ

مطابق جون ۽ جولاء ١٩٢٥ع

**مدير:- دين محمد وفائي**

| قيمت سالانو | في پرچو |
| --- | --- |
| ٣-٠-٠ | ٠-٤-٠ |

الوحيد پريس ڪراچي ۾ ڇپيو

## نظم بلبل

منظوم سيد محمد زمان شاه صاحب لهتوي (ساقي)

قفس جو کول در گهتجي تو اي صياد دم منهنجو
گهٽيون اهل وطن کي آهي دل تي رنج و غم منهنجو

٢. مون کولي بال و پر پنهنجا ڪيو سعيو اڏامڻ جو
مگر همت ڪم نصيبيءَ کان قصا رو ڪيو قدم منهنجو

٣. حريص دانه تي دام بلا کان مان رهيس غافل
نه جاتم تاڪندي غفلت خوشيءَ جو ڏينهن ختم منهنجو

٤. انهي تڪليف تنهنجي کان وڌي تو شوق آزادي
ڪندو تو کي تبه آخر، هي ارمان و الم منهنجو

٥. نشين سايه ديوار دشمن دل نه هاڻي ٿي
جهان هر حرص تنهنجي ڪيو نشان آهي عدم منهنجو

٦. کِلي تو منهنجي قسمت تان عدو منهنجو عجب آهه
مٿن سان ناحق راحت خود قريبن ڪيو قلم منهنجو

٧. جتي هوئي جاء بلبل جي اتي زاغ و زغن ڏسجن
جهان هر رشک جنت هو ڪڏهه باغ ارم منهنجو

٨. پريشان دفتر شيراز باد فرقه بندي کان
حسد منهنجي ڪيو مونکان گل مقصود گم منهنجو

٩. سند ير نغمه سرائي ڪالهه هوئي جنهن قوم جي رهبر
انهي وٽ اڄ حقارت سان ٿو ڏسجي ڪارڪم منهنجو

١٠. جڏهن مرض عداوت ۾ اسيرو مبتلا دل ٿي
زمانه زيرباد آندو تڏهن بيت الحرم منهنجو

١١. نه طاقت آهي اعدا جي قضا جو قصور آهي
ٿيو هي تير منهنجي ڪان مان خود دشمن منهنجو

١٢. شڪايت اڄ هدايم هرجائي پنهنجي پست همت جي
ثنا خوان هو ڪڏهن سارو عرب منهنجو عجم منهنجو

١٣. سدا سايه فگن هو اهل عالم تي مگر دردا
نفاق باهمي کان سرنگون ٿيو اڄ علم منهنجو

١٤. ٿوي جي قم باذن الله نصيحت ڪن ٿو سمجهان
دم عيسائي جهان ۾ هو ڪڏهن آواز قم منهنجو

١. سواء سرڪ ڏي ساغر اي **ساقي** جو مدت کان
در خمخانه تي آهي سر تسليم خم منهنجو

بسم الله الرحمن الرحيم

نحمده تعاليٰ ۽ نصلي و نسلم علي رسوله الڪريم

# توحيد

بابت ذوالقعده ۽ ذي الحج ١٣٤٣ھ

## هڪ آريه جي اعتراضن جا جواب !

دنيا - روح - ماده - وغيره تي علمي بحث

ميرپور خاص گزيٽ ۾ ڪجهه وقت کان وٺي "سنڌ جي عالمن کان سوال" انهيءَ عنوان سان قريب ڏيڍ سؤ جي سوال ڇپجي پڌرا ٿيا آهن ۽ توحيد جي فيبروريءَ پرچي کان وٺي انهن سوالن جا جواب قسطيون قسطيون ٿي پڌرا ٿيا آهن جوابن جي ترتيب ۽ نوعيت اهڙي نموني تي رکيل آهي جو تحقيقي جواب کان سواءِ ان سان گڏ الزامي جواب به هليو اچي ٿو، فقط هن اميد تي ته ڏسون ته سنڌ جا آريه پنهنجي ڌرم جي بچاءَ ۾ ڪهڙا قدم کڻن ٿا، آخر گهڻي انتظار کان پوءِ تازو ميرپور خاص گزيٽ جي ١٣ جون واري پرچي ۾ توحيد جي مارچ وارن جوابن تي ڪجهه اعتراض ڪيا ويا آهن، انهيءَ اعتراض ڏسي اسانکي هن ڪري ڏاڍي مسرت پهتي آهي جو آرين جي ليڊرن ۽ علمي لياقت جو سارو راز کلي پيو آهي ۽ اسانکي يقين ٿيو آهي ته آرين ۾ علمي قابليت اصل ڪانه آهي فقط اهو ڪوڙ ٻڌ وڙهڻي ماڻهن کي ڀرمائڻ

